اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ، وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن،

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: مديني جون مسجدون

ڇاپو پهريون: ذيقعدة الحرام 1445 ھ جون 2024ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جي مايہ ناز تصنيف ”عاشقانِ رسول جون ١٣٠ حڪايتون“ مان ورتل مواد بنام

# مديني جون مسجدون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي- جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو-


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست


**مديني جون مسجدون** ........................ 1
درود شريف جي فضيلت ........................ 1
مديني جي ڪجهه مسجدن جو ذڪر خير ........................ 2
﴿1﴾ مسجدِ قُبا ........................ 3
عمري جو ثواب ........................ 3
فاروق اَعظم ۽ قُبا ........................ 3
عبدالله بن عمر ۽ قبا ........................ 4
﴿2﴾ مسجد فَضِيخ ........................ 4
﴿3﴾ خمسہ (ياسبعہ) مساجد ........................ 4
﴿4﴾ مسجدِ غمامہ ........................ 6
﴿5﴾ مسجد اِجابہ ........................ 6
﴿6﴾ مسجد سُقيا ........................ 7
﴿7﴾ مسجد سجده ........................ 8
﴿8﴾ مسجد ذِباب (يا مسجد رايہ) ........................ 9
﴿9﴾ مسجد عَينَيَن ........................ 9
﴿10﴾ مسجد مَشربہ اُمّ ابراهيم ........................ 10
﴿11﴾ مسجد بني قُرَيظ ........................ 10
﴿12﴾ مسجد النور ........................ 11
﴿13﴾ مسجد فَسَح ........................ 12
﴿14﴾ مسجد بني ظفر (يا مسجد بغلہ) ........................ 12
﴿15﴾ مسجد مائده ........................ 13

﴿16﴾ مسجد بني حرام ........ 14
﴿17﴾ مسجد شَيخَين ........ 15
﴿18﴾ مسجد مِستَرَاح ........ 16
﴿19﴾ مسجد مِصبح (يا مسجد بني أُنَيف) ........ 16
﴿20﴾ مسجد بني زُرَيق ........ 17
﴿21﴾ مسجد كَتِيبَہ ........ 18
﴿22﴾ مسجد بني دِينار ........ 18
﴿23﴾ مسجد مينارَتَين ........ 19
مُئل بِكري ........ 20
﴿24﴾ مسجد جمعہ ........ 20
﴿25﴾ مسجد مِعراس ........ 21
﴿26﴾ مسجد ذُوالحُلَيفہ ........ 21
﴿27﴾ مسجد قِبلَتَين ........ 22

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ، وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ،
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# مديني جون مسجدون [1]

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو به مڪمل رسالو ”مديني جون مسجدون“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي مڪي مديني جي باادب حاضري نصيب فرماءِ ۽ ان کي والدين سميت بي حساب بخشي ڇڏ نصيب فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جڏهن جمعرات جو ڏينهن ايندو آهي، الله پاڪ ملائڪن کي موڪليندو آهي، انهن وٽ چاندي جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن، اهي لکندا آهن: ڪير خميس جي ڏينهن ۽ شبِ جمعه (يعني خميس ۽ جمعي جي وچين رات) مون تي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهي ٿو. (لمعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج6 ، ص 185، الحديث: 5942)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] ... هي مضمون ڪتاب ”عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون“ مان ڪنوويو آهي.

# مديني جي ڪجھ مسجدن جو ذڪر خير

مديني شريف ۽ ان جي آس پاس ۾ ڪيتريون ئي اھڙيون مسجدون آھن جيڪي الله جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانھن منسوب آھن. برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪجھ مسجدن جو ذڪر ڪجي ٿو تہ جيئن زائرين عاشقان رسول انھن کي ڳولي جتي جتي مسجدون ملن اتي نفل پڙھن ۽ جتي نشان نہ ملن تہ اُتي حسرت پري نگاھن سان فضائن جي زيارت ڪري برڪت حاصل ڪن ۽ اتي دعائون گھرن چوتہ جتي جتي سلطان ڪون و مڪان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري ٿي آھي اتي دعا قبول ٿيندي آھي. حضرت علامہ شيخ عبدالحق محدث دھلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عشق ۽ مستي ۾ گم ٿي چا تہ پياري ڳالھ چئي آھي: ”اَربابِ بصيرت(يعني دل جي نظر رکڻ وارا) اھو سمجھن ٿا تہ ان (مڪي مديني) جي جبلن ۽ وادين ۾ جمال محمدي جي اثر ۽ ڪمال احمدي جي ظھور سان تمام گھڻي نورانيّت ظاھر ٿي رھي آھي! بيشڪ ان جو سبب اھو آھي تہ انھن سيني جڳھن ۾ ڪو بہ اھڙو ذرو ناھي جنھن تي نظر مبارڪ نہ پئي ھجي ۽ ان ديدار مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شرف حاصل نہ ڪيو ھجي. (جذب القلوب ص 148)

آ کے میں روح کی ہر تہ میں سمو لوں تجھ کو
اے ہوا تو نے سرکار کو دیکھا ہوگا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿1﴾ مسجدِ قُبا

مديني شريف کان تقريبًا ٽي ڪلوميٽر پري ڏکڻ اولهه جي طرف ”قُبا“ نالي هڪ قديمي ڳوٺ آهي جتي اها برڪت واري مسجد نهيل آهي. قرآن شريف ۽ صحيح حديثن ۾ ان جا فضائل خصوصيت سان بيان فرمايا ويا آهن، عاشقانِ رسول مسجد نبوي شريف کان وچٽري چال پيادل هلي ڪري تقريبًا 40 منٽ ۾ مسجد قبا پهچي سگهن ٿا. بخاري شريف ۾ آهي: رحمتِ عالم، نور مُجَسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر ڇنڇر تي ڪڏهن پيادل ته ڪڏهن سواريءَ تي مسجدِ قُبا تشريف وٺي ويندا هئا. (بخاري ج 1 ص 402 حديث 1193)

## عمري جو ثواب

ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ مسجد قباء ۾ نماز پڙهڻ عُمري جي برابر آهي. (ترمذي ج 1 ص 348 حديث 324) ﴿2﴾ جنهن شخص پنهنجي گهر ۾ وضو ڪيو پوءِ مسجد قبا ۾ وڃي نماز پڙهي ته ان کي عُمري جو ثواب ملندو. (ابن ماجه ج 2 ص 175 حديث 1412)

## فاروق اَعظم ۽ قُبا

اميرالمؤمنين حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ”مسجد قبا“ ۾ داخل ٿيا ته ارشاد فرمايائون: الله جو قسم! مون کي هن مسجد ۾ هڪ نماز پڙهڻ بيتُ المُقدّس ۾ هڪ نماز پڙهڻ کان پوءِ چار رڪعتون پڙهڻ کان وڌيڪ پسند آهي ۽ جيڪڏهن هي مسجد تمام پري واري علائقي ۾ هجي ها ته تڏهن به اسان اُٺن جا جگر فنا ڪري

ڇڏيون ها (يعني ان جي زيارت جي لاءِ اسان ضرور سفر ڪريون ها) (ڪنزالعمال ج 7 ص 62 حديث 38174)

## عبداللّٰه بن عمرءِ قبا

حضرت عبداللّٰه ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ هر هفتي مسجد قباء ۾ حاضر ٿيندا هئا. (مسلم ص 724 حديث 1399)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿2﴾ مسجد فَضِيخ

هيءَ مسجد شريف مسجد قبا کان اوپر طرف هڪ ڪلو ميٽر جي فاصلي تي آهي. جڏهن اسلامي لشڪر بني نُضَير جو محاصرو ڪيو هو ان وقت شهنشاهِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مبارڪ خيمو هتي لڳايو ويو هو ۽ هن مقام تي رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڇهه ڏينهن نمازون ادا فرمايون هيون. (وفاء الوفا ج 2 ص 821) ان جي يادگار ۾ اها مسجد ٺاهي وئي آهي، ڪي ماڻهو غلط فهميءَ جي ڪري ان کي ”مسجد شمس“ چوندا هئا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿3﴾ خمسہ (ياسبعہ) مساجد

مديني شريف جي اُتر اولهه طرف سَلَع جبل جي وادي ۾ پنج مسجدون هڪ ٻئي جي ويجهو ئي واقع آهن. دراصل هتي اڳ ۾ ست مسجدون هونديون هيون ۽ عربي ۾ ستن کي ”سبع“ چئبو آهي، ان ڪري هي علائقو ”سبع مسجدن“ جي نالي سان سڃاتو

ويندو هو. هاڻي جڏهن تہ هتي پنج مسجدون رهجي ويون آهن ۽ عربيءَ ۾ پنجن کي ”خمسہ“ چئبو آهي ان کري آهستي آهستي اها جڳهہ ”خمسہ مساجد“ جي نالي سان مشهور ٿي وئي. انهن پنجن مان هڪ ”مسجد الفتح“ جي نالي سان ٽڪريءَ تي قائم آهي جنهن تي چڙهڻ جي لاءِ ڏاڪڻيون بہ موجود آهن. ”غروہ احزاب“ جي موقعي تي (جنهن کي غزوہ خندق بہ چئبو آهي) حضور تاجدار مدينہصَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مسجد الفتح واري جاءِ تي، سومر، اڱارو، اربع، ٽي ڏينهن مسلمانن جي فتح ۽ نصرت جي لاءِ دعا فرمائي ۽ ٽئين ڏينهن ظهر ۽ عصر نماز جي وچ ۾ فتح جي بشارت ملي ۽ اهڙي تہ ڪامل فتح حاصل ٿي جو ان ڪان پوءِ هميشہ ڪافر مغلوب رهيا. حضرت جابر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: جڏهن مون کي ڪا مشڪل پيش ايندي آهي تہ ”مسجد فتح“ وجي دعا گهرندو آهيان تہ اها مشڪل حل ٿي ويندي آهي. مسجد الفتح کان علاوہ بين چهن مسجدن جا نالا هي آهن: (1) مسجد ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ (اها اصل ۾ مسجد علي بن ابي طالب آهي)، (2) مسجد عمر بن خطاب رَضِیَ اللہُ عَنْہُ (3) مسجد عليّ المرتضٰي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اها ماضي قريب ۾ مسجد ابوبڪر صديق جي نالي سان سڃاتي ويندي هئي ۽ هاڻي شهيد ڪئي وئي آهي (4) مسجد سيّدہ فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا (اها مسجد اصحابن جي دور ۾ نہ هئي ۽ ان جي ڪا بہ تاريخ نہ آهي ۽ چيو پيو وڃي تہ 1329ھ 1911ع ڪانپوءِ ناهي وئي آهي) (5) مسجد سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ (6) مسجد ابو ذرغفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴾4﴿ مسجدِ غمام

مکي شريف يا جده شريف کان جڏهن مدينہ منوره ايندا آهيون تہ مسجد نبوي شريف اچڻ کان پهريان وڏن گنبدن واري هڪ نهايت ئي خوبصورت مسجد ايندي آهي ۽ اهائي مسجد ”مسجد غمامہ“ آهي. اسان جي پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سن 2 هجري ۾ پهريون دفعو عيدالفطر ۽ عيدالاضحيٰ جي نماز ان مقام تي کلي ميدان ۾ ادا فرمائي هئي. اُتي ئي رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم برسات جي لاءِ دعا فرمائي ۽ دعا کندي ئي ککر چانئجي ويا ۽ برسات وسڻ شروع ٿي وئي. ککرن کي عربيءَ ۾ غمامہ چئبو آهي، انهيءَ نسبت سان ان کي هاڻي مسجد غمامہ چئبو آهي. هتي کليل ميدان هو پهرين صدي جي مُجدِّد اميرالمؤمنين حضرت عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ هتي مسجد تعمير ڪرائي هئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴾5﴿ مسجد اِجابہ

هيءَ مسجد شريف مدينہ منوره جي قديم ترين مسجدن مان هڪ آهي جيڪا شارع مَلِڪ فيصل (پراڻو نالو شارع سِتّين يا اڳيون طريق دائري Round about) تي جنّتُ البَقِيع جي اُتر اوير طرف (شارع سِتّين ۽ شارع ملڪ عبدالعزيز جي چوڪ جي ڪابي پاسي) تي واقع آهي. هن هنڌ هڪ ڀيرو اسان جي پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻہ رکعتون نماز ادا فرمايون ۽ ٽي دعائون ڪيون هيون، انهن مان ٻہ

قبول ٿيون ۽ هڪ کان روڪيو ويو. اهي دعائون هي هيون: (1) يا الله پاڪ منهنجي اُمت ڏڪار جي ڪري نہ مري ( دعا قبول ٿي) (2) يا الله پاڪ منهنجي اُمت پاڻيءَ ۾ ٻڏي نہ مري ( دعا قبول ٿي) (3) ياالله پاڪ منهنجي اُمت پاڻ ۾ نہ وڙهي (روڪي وئي) (مسلم ص 1544 حديث 2890)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿6﴾ مسجد سُقيا

هي مسجد عجائب گهر جي ويجهو مديني پاڪ جي ريلوي اسٽيشن جي احاطي ۾ آهي. مسجد سُقيا ان تاريخي مقام تي ٺاهي وئي هئي جتي هي ايمان اَفروز واقعو ٿيو: اميرالمؤمنين حضرت عليّ المرتضٰي شير خدا رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سربراهي ۾ اسان مديني شريف کان نڪتاسين ۽ جڏهن سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي حَرَّةُ السُّقيا جي ويجهو پهتاسين تہ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پاڻي طلب فرمايو ۽ وضو ڪري قبلي ڏانهن بيهي مديني وارن جي لاءِ هيئن خير ۽ برڪت جي دعا فرمائي: اي الله پاڪ! ابراهيم تنهنجو ٻانهو ۽ خليل هو انهن مڪي وارن جي لاءِ برڪت جي دعا فرمائي هئي ۽ مان تنهنجو ٻانهو ۽ رسول آهيان، توکان مديني وارن جي لاءِ دعا ڪريان ٿو تہ انهن جي مُد ۽ صاع (اهي بہ ماپي جا نالا آهن) ۾ مڪي وارن جي بنسبت ٻيڻي برڪت عطا فرماءِ.

(ترمذي ج 5 ص 482 حديث 3940)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿7﴾ مسجد سجده

”مسجد سجده“ ان مقدّس جڳھ تي آهي جتي هڪ مشهور واقعو ٿيو هو. جيئن ته مڪتبة المدينه جي 743 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”جنت ميں لے جانے والے اعمال“ صفحي 496 تي آهي: حضرت عبدالرّحمٰن بن عوف رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته شهنشاهِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ دفعو ٻاهر تشريف کڻي آيا ته مان به پويان هلڻ لڳس. آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ باغ ۾ داخل ٿيا ۽ سجدو ڪيائون ۽ ايترو ڊگهو سجدو ڪيائون جو مونکي انديشو ٿيو ته ڪٿي الله پاڪ روح مبارڪ قبض نه فرمائي ڇڏيو هجي. ان ڪري مان ويجهو ٿي غور سان ڏسڻ لڳس ۽ جڏهن مٿو مبارڪ کنيو ته فرمايائون: اي عبدالرحمٰن ڇا ٿيو؟ مون جواب ۾ پنهنجو انديشو ظاهر ڪري ڇڏيو ته فرمايائون: جبرائيل امين عَلَيْهِ السَّلَام مون کي چيو: ”ڇا اوهان کي اها ڳالھ خوش نه ٿي ڪري ته الله پاڪ فرمائي ٿو ته جيڪو توهان تي درود پاڪ پڙهندو ته مان ان تي رحمت نازل فرمائيندس ۽ جيڪو توهان تي سلام موڪليندو ته مان ان تي سلامتي نازل ڪندس.“ (مسند احمد ج 1 ص 406 حديث 1662)

ان ڪري ان يادگار جي ڪري ان مقامِ تي ”**مسجد سجده**“ ناهي وئي آهي اڄڪلھ اها جديد تعمير سان موجود ته آهي پر اتي لڳل تختي تي ”**مسجد ابوذر**“ لکيل آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿8﴾ مسجد ذِباب (يا مسجد رايہ)

”ثَنِيّة الوَداع“ کان اُحُد جبل ڏانھن ويندي کابي ھٿ تي مديني پاڪ کان اُتر (North) طرف ”ذِباب“ نالي جبل تي غزوءِ تبوڪ کان واپسي تي ڪن روايتن مطابق ”غزوه خندق“ جي موقعي تي سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خيمو شريف لڳايو ويو هو. روايت آهي تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ذِباب جبل تي نماز بہ ادا فرمائي هئي.
(جذب القلوب 136، 137، وفاء الوفاء ج 2 ص 845)

ان مبارڪ جبل تي اميرالمؤمنين حضرت عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللهُ عَنْهُ يادگار طور هڪ مسجد نهرائي، جنهن کي ”مسجد ذباب“ يا ”مسجد رايہ“ بہ چيو ويندو آهي ان کي ماضيءَ ۾ مسجد قرين ۽ مسجد زاويہ جي نالن سان بہ سڏيو ويندو هو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿9﴾ مسجد عَينَيْن

هي مسجد حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي مزار جي دروازي مبارڪ جي سامهون قبلي پاسي واقع ”جبل الرُّماة“ تي آهي، اُحُد جي ڏينهن اسلامي لشڪر جا تيرانداز هن تي بيٺا هئا. منقول آهي حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي انهيءَ جڳهہ تي برڇي لڳي هئي. جابر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ شهنشاهِ خيرالانام صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اصحابن سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان گڏ اُتي هٿيارن سان نماز ادا فرمائي هئي. (وفاء الوفاء ج 2 ص 848-849)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿10﴾ مسجد مَشربہ اُمِّ ابراهيم

هيءَ مسجد شريف حَرَّہ شرقيّہ جي ويجهو نخلستان (يعني کجورن جي باغ) ۾ واقع هئي. مَشْرَبہ يعني باغ ۽ اُمِّ ابراهيم مان مراد اُمّ المؤمنين حضرت ماريہ قِبطيہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْھَا آهن، هي انهن جو باغ هو ۽ حقيقي مدني مُني، عاشقان رسول جي اکين جي تاري، مکي مدني صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پياري حضرت ابراهيم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ جي ولادتِ باسعادت هتي ئي ٿي هئي. سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو هتي نماز پڙهڻ ثابت آهي. (جذب القلوب ص 127) اڄڪلهہ مقدس باغ قبرستان ڪيو ويو آهي، قبرستان جي وچ ۾ هڪ ننڍڙي قديم مسجد آهي جنهن جي اڱڻ ۾ هڪ نهايت ئي پراڻو کوهہ آهي. هڪ تاريخدان جو بيان آهي تہ ”مونکي جڏهن بہ داخل ٿيڻ ۾ ڪاميابي ملي تہ مون ان مسجد ۾ تدفين جو سامان ڏٺو!“ موجوده چوڏيواري ڪان ٻاهر پراڻي طرز تي هڪ مسجد ڇت ڪان سواءِ ناهي وئي آهي. هڪ محقق جو چوڻ آهي تہ ان جي ڪا تاريخي حيثيت ناهي، اصل مسجد شريف مَشربہ (يعني باغ شريف) جي اندر ئي آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!     صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿11﴾ مسجد بني قُرَيظ

هي مسجد شريف حَرَّہ شرقِيَّہ وٽ مسجد شمس کان ڪافي فاصلي تي اولهہ پاسي مسجد فضيح ۽ مشربہ اُمِّ ابراهيم جي وچ ۾ واقع هئي. رحمت عالم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بنو قُريظ جي محاصري جي

دوران نماز لاءِ هن مسجد کي مقرر ڪيو هو. (فتح الباري ج 8 ص 106)
هڪ روايت جي مطابق ”مسجد بنو قُرَيظہ“ ان مقدس مقام تي ناهي وئي هئي جتي 5 هجري (627) ۾ ”غزوه بنو قُرَيظہ“ جي موقع تي محبوب ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ ”عريش“ (يعني اُس کان بچڻ جي لاءِ ڇپر) ناهيو ويو هو. هڪ روايت جي مطابق ويجهو ئي هڪ عورت جو گهر هو جنهن ۾ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نماز ادا فرمائي هئي. حضرت عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللهُ عَنْهُ توسيع جي دوران هن مبارڪ گهر کي بہ مسجد شريف ۾ شامل ڪري ڇڏيو هو.
(جذب القلوب ص 126)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿12﴾ مسجد النور

هڪ ڀيرو حضرت اُسَيد بن حُضَير ۽ حضرت عُبّاد بن بِشر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا ٻئي دربار رسالت مان ڪافي رات گذرڻ کان پوءِ پنهنجي گهر واپس موٽيا. اونداهي رات ۾ جڏهن رستو نظر نہ آيو تہ اوچتو حضرت اُسيد بن حُضير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي لٺ روشن ٿي ۽ اهي ٻئي ان جي روشني ۾ هلڻ لڳا. جڏهن ٻنهي جا رستا الڳ الڳ ٿيا تہ حضرت عُبّاد بن بِشر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي لٺ بہ روشن ٿي وئي ۽ ٻئي پنهنجي لٺ جي روشني ۾ پنهنجي پنهنجي گهر پهچي ويا. (مسند امام احمد ج 4 ص 277 حديث 12407)
جتي ٻئي صحابي جدا ٿيا هئا اتي يعني مسجد نبوي شريف جي اتر اڀرندي حصي ۾ جنّتُ البَقيع جي هُن پار جتي بني عبدُالاَشهل قبيلو آباد هو. ڀهرين صدي هجري جي مُجَدِّد امير المؤمنين حضرت عمر

بن عبدالعزيز رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ”مسجد نور“ تعمير ڪرائي هئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿13﴾ مسجد فَسْح

جبل اُحُد جي دامن ۾ ”شَعَب جَرّار“ جي طرف هڪ ننڍڙي مسجد آهي. غزوه اُحُد جي مشهور ۽ معروف ننڍڙي مجاهد حضرت رافع رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان مروي آهي ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هتي ڪجهه نمازون ادا ڪيو هيون. (تاريخ المدينة المنوره لا بن شبه ج 1 ص 57) مَطَرِي جي قول مطابق ”ظهر ۽ عصر جون نمازون هتي ادا فرمايون هيون.“ (وفاء الوفاء ج 2 ص 848) ڪن تاريخدانن جي مطابق غزوه اُحد ۾ سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا زخم مبارڪ هتي ڌوتا ويا هئا. ان ڪري هي ”مسجدِ غسل“ جي نالي سان به سڏي وڃي ٿي. سگِ مدينه (عُفِيَ عَنه) گهڻا سال پهريان هن مقام تي هڪ قِتل مسجد ڏٺي هئي جنهن جي چوڌاري لوهه جون ڪنڊيدار تارون لڳل هيون، اها غالباً مسجد فسح ئي هئي. هي اسان جي پياري مڪي مدني سرڪار، راحت قلب بي قرار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سجده گاهه جي يادگار آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿14﴾ مسجد بني ظفر (يا مسجد بغله)

جنّتُ البَقيع جي اوڀرندي حَرَّه شرقيه جي طرف ”اَوس“ نالي قبيلي جي هڪ شاخ ”قبيله بنو ظفر“ آباد هئي. هي ”مسجد بني ظفر“ اتي هئي. هن کي مسجد بغله (يعني خچر واري مسجد) به سڏيو وڃي ٿو.

اتي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ پٿر تي تشريف فرما ٿي حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان تلاوت ٻڌي هئي ۽ ايترو رُنا هئا جو ڏاڙهي مبارڪ ڳوڙهن سان آلي ٿي وئي هئي. (معجم الڪبير ج 19 ص 243 حديث 546) اهو پٿر مبارڪ برڪت جي لاءِ مسجد ۾ رکيو ويو هو، عاشقانِ رسول ان جي زيارت سان پنهنجون اکيون ٺارينداهئا. ڪجهه تاريخدانن لکيو آهي ته بي اولاد عورت ان تي ويهي ڪري دعا گهرندي هئي ته اولاد جي نعمت سان سرفراز ٿي ويندي هئي. (جذب القلوب ص 128) اُتي پيا به تَبَرُّڪات هئا، جن ۾ هڪ پٿر شريف تي سلطانِ بحروبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سواري واري خچر جا سُنب (يعني کُر) مبارڪ جا نشان هئا. هڪ مبارڪ پٿر تي مديني جي تاجور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نونڍ مبارڪ ۽ مقدس آڱرين جا نشان هئا. (ايضاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### ﴿15﴾ مسجد مائده

مسجد بني ظفر جي ويجهو ئي ”مسجد مائده“ واقع آهي. منقول آهي: هي انهيءَ مقام تي ٺهيل آهي جيڪو رحمت عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نجران جي نصرانين سان مُباهلي جي لاءِ منتخب فرمايو هو ۽ جنهن جڳهه سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ ڪانيون ڪوڙي پنهنجي مبارڪ چادر وڇائي خيمو لڳايو هو ۽ حضور پر نور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي اهل بيت سان گڏ اتي تشريف فرما ٿيا هئا. هڪ تاريخي روايت جي مطابق هن مقام تي آقا نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ اهل بيت اطهار جي لاءِ جنّت مان پنجن پيالن ۾ ڪاڏو

نازل ٿيو هو. ان ڪري هن ڪي مسجد پنج پيالہ بہ چوندا آهن، هتي عاشقانِ رسول يادگار طور گنبذ ناهيو هو. 1400 هجري ۾ سگِ مدينہ (عُفِيَ عَنہ) جن ان مقدس مقام جي ڪنڊر جي زيارت ڪئي هئي. گنبذ وغيره موجود نہ هئا. عاشقانِ رسول لاءِ ان فضائن جي زيارت ڪري عشقِ رسول ۾ دل جلائڻ بہ وڏي سعادت آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿16﴾ مسجد بني حرام

اها مسجد شريف حضرت جابر بن عبد **الله** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي انهيءَ مکانِ عاليشان جي جڳهہ تي عاشقِ رسول حضرت عمر بن عبد العزيز رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جن نهرائي هئي جتي سروَرِ ڪائنات، شهنشاهِ موجودات صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جا هي ٽي معجزا ظاهر ٿيا هئا: (1) هڪ ٻڪري سان ڪيترن ئي (هڪ روايت مطابق 1500) صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو پيٽ ڀرجي ويو هو (2) رسول اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هڏين تي هٿ مبارڪ رکي ڪجهہ پڙهيو تہ ٻڪري زنده ٿي وئي (3) حضرت جابر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جا فوت ٿيل ٻہ ٻار سرڪارِ نامدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دعا سان زنده ٿي ويا هئا. (انهن ايمان افروز واقعن جو تفصيل "**فيضانِ سنت**" جلد اول صفحو 338 کان 339 تي ملاحظ فرمايو) انهيءَ مکانِ عظيم الشَّان ۾ سرڪار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هڪ نماز بہ ادا فرمائي هئي. هي مسجد شريف، مسجد نبوي کان "خمسہ مساجد" ويندي "اَلسِّيح" جي علائقي ۾ روڊ جي ساڄي پاسي تي ان بستي ۾ آهي جيڪا جبل سِلع جي دامن ۾ آباد آهي. 1409 هجري ۾ قديم بنيادن

تي هتي شاندار مسجد ناهي وئي آهي پر ٻاهر ملڪن کان ايندڙ حج ۽ عمرو ڪرڻ وارا اڪثر ان جي ديدار کان محروم ٿي رهن ٿا ڇو ته انهن کي آبادي جي اندر وڃي ڳولڻ تمام دشوار آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿17﴾ مسجد شَيخَين

مسجد نبوي شريف کان حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي مزار ڏانهن ويندي ڪاٻي پاسي تي پري کان ئي اها مسجد نظر اچي ويندي آهي. هن مبارڪ مقام کي تمام گهڻيون مدني نسبتون حاصل آهن مثلاً (1) غزوه اُحُد لاءِ ويندي رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پهريان هتي قيام فرمايو ۽ رات جو ڪجهه حصو گذاريو هو (2) هتي مدني آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هڪ يا ٻه نمازون ادا فرمايون هيون (3) هن ئي جڳهه جسم مبارڪ تي هٿيار ۽ زِرهون سجايون هيون (4) هتي جنگي تيارين جو معائنو ۽ مجاهدن جي چونڊ فرمائي هئي ۽ ڪيترائي ٻار واپس موٽايا ويا هئا (5) هتي هڪ ٻار حضرت رافع رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ وڌو نظر اچڻ جي لاءِ پيرن جي آڱرين تي بيهي رهيو ته بارگاهِ رسالت مان اجازت ملي وئي. ان تي هڪ ٻئي ٻار حضرت سَمُره بن جُندُب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جن عرض ڪيو: مان رافع کان وڌيڪ طاقتور آهيان، پوءِ ٻنهي جي وچ ۾ مَلهه تي ۽ سَمُره غالب تي ويو ۽ گڏ هلڻ جي اجازت ملي وئي هئي. هن مسجد شريف کي ”مسجد الشَّيخَين“ چوڻ جو سبب هي آهي ته هتي هڪ پوڙهو انڌو يهودي ۽ پوڙهي انڌي يهودڻ جا جدا جدا قبيلا هئا. پوڙهي کي عربي ۾ ”شيخ“ چوندا آهن، ان جي سبب اها آبادي

پوڙهن جي ڪري ”الشيخين“ جي نالي سان مشهور ٿي. هن مسجد شريف جا ٻيا ٻہ نالا آهن. (1) مسجد دِرع (2) مسجد بدائع ۽ (3) مسجد عَدَوِي. اڄڪلهہ مديني جي اوقاف کاتي طرفان نئين طرز تي تعمير ڪري ان جو نالو ”مسجد خير“ رکيو ويو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿18﴾ مسجد مِسْتَرَاح

هي مسجد شريف مسجد شيخين کان ٿوري ئي فاصلي تي اُحُد شريف ڏانهن ويندي روڊ تي واقع آهي. اسلام جي شروعات ۾ ان کي ”مسجد بني حارثہ“ سڏيو ويندو هو ڇوتہ اتي بني حارثہ (اَوسي) جو قبيلو آباد هو. هڪ روايت جي مطابق هڪ صحابي (حارث بن سعد بن عُبَيدُ الحارثي رضي الله عنه) فرمائن ٿا: ”رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسان جي مسجد ۾ نماز ادا فرمائي هئي.“ (وفاء الوفاء ج 2 ص 865)

سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن غزوه اُحُد کان واپسي تي هتي ٿوري دير اِسْتِراحت يعني آرام فرمايو هو، ان ڪري هن کي مسجد مِسْتَراح سڏيو وڃي ٿو، اڄڪلهہ هتي عاليشان مسجد ٺهيل آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿19﴾ مسجد مِصبح (يا مسجد بني اُنَيف)

هي مسجد شريف مسجد قبا جي سامهون واري علائقي ۾ واقع آهي. مسجد قبا جي سامهون سروس روڊ تي آبادي ۾ اندر جي طرف داخل ٿيو تہ اڳتي هلي ”مُسْتَوْدَعَاتُ الغَسَّان“ جي فورًا بعد هڪ

پراڻي مسجد شريف جي غيرمُسَقّف (يعني بغير ڇت جي) چار ديواري نظر ايندي، جنهن جي چوڏاري ملبي جو ڍير بہ ڏٺو ويو آهي. (خدا ڄاڻي تادمِ تحرير اها مسجد شريف ڪهڙي حال ۾ آهي) قبيلہ بني اُنَيْف جا ماڻهو هتي آباد هئا، هن مقام تي صحابہ ڪرام جمع ٿي ڪري رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مڪي پاڪ مان آمد جو انتظار ڪندا هئا، آخرڪار انهن جي مراد پوري ٿي ۽ رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تشريف آوري هجرت جي صورت ۾ ٿي. انهيءَ مقام تي رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هجرت ڪان پوءِ پهرين نمازِ فجر ادا فرمائي هئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿20﴾ مسجد بني زُرَيق

بيعتِ عُقبہ اول ۾ ايمان آڻڻ کان پوءِ حضرت اَبو رافع بن مالڪ زُرَيق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جن اللّٰه جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدينہ منوره ۾ وُرودِ مسعود کان پهريان ئي اها مسجد شريف ٺاهي ۽ ايمان آڻڻ وارا اتي نماز پڙهندا هئا ۽ ابو رافع بن مالڪ زُرَيق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي بارگاهِ رسالت کان ان وقت تائين نازل شده قرآن ڪريم جو جيڪو حصو عنايت ٿيو هو، ان جي تلاوت ڪندا هئا. سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن مسجد ۾ داخل ٿيا هئا. (وفاء الوفاء ج 2 ص 857) مسجد زُرَيق مسجد غَمامہ ۽ موجوده ڪورٽ جي وچ واري حصي ۾ ڪنهن جڳهہ تي واقع هئي. عاشقانِ رسول سنين سنين نيتن سان اتان جي فضائل کي نگاهن سان چمي ڪري برڪتون حاصل ڪن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿21﴾ مسجد كَتِيبَہ

مدينہ منوره جا پهريان انصاري صحابي حضرت ابو رافع بن مالڪ زُرَيق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ غزوه اُحد ۾ شهيد ٿي ويا ۽ سندن تدفين سندن ئي مڪانِ عاليشان ۾ ڪئي وئي. بعد ۾ خاندان وارن ان مڪانِ برڪت نشان تي اهڙي طرح مسجد تعمير ڪرائي جو پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جن جي مزار شريف صحن ۾ اچي وئي. صوفياءِ ڪرام رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْھِم جو مشهور سلسلہ طريقت "سَنَوسِيہ" پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي اولاد جي ذريعي جاري ٿيو آهي. هن مسجد شريف جي ويجهو عثمانين (تُرڪن) عارضي ڇانوٽيون نهرايون هيون، جيئن تہ عربي ۾ فوجي بٽالين يا يونٽ کي ڪَتِيبَہ چوندا آهن ان ڪري اهو علائقو "ڪَتِيبَہ" چورائڻ لڳو ۽ ان سبب ان مسجد شريف کي "مَسجدُ الڪَتِيبَہ" چوڻ لڳا. هي مسجد هڪ قديم مينار سميت هن تحرير ڪان چند سال پهريان باقي هئي. پنج وقت نمازن جي بہ ترڪيب هئي،

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿22﴾ مسجد بني دِينار

امير المومنين حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جن هجرت ڪان پوءِ مدينہ منوره ۾ بني دينار بن النَّجار جي خاندان جي هڪ خاتون سان شادي ڪئي، هڪ ڀيرو انهن سرڪارِ نامدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ دعوت پيش ڪئي ۽ تشريف فرما ٿي نماز ادا ڪري گهر کي منور ڪرڻ جي التجاء ڪئي. شرفِ قبوليت سان سرفرازي ملي ۽ اتي اچي شهنشاه رسالت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن نماز ادا فرمائي. (وفاء الوفاء)

ج 2 ص 866) أُنهي مڪانِ عاليشان تي عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن يادگار طور ”مسجد بني دينار“ نهرائي. بعد ۾ بني دينار جي علائقي ۾ ڌوٻين جي آبادي ٿي ۽ اتي ڌوٻي گهاٽ ٺهي ويا، جنهن سان اهو محلو ”علائقہ غسّالين“ جي نالي سان مشهور ٿي ويو ۽ هي مسجد ”مسجد غَسّالين“ چورائڻ لڳي، اڄڪلهه هن کي ”مسجدِ مُغيِّسَله“ چوندا آهن. هن مسجد شريف جو نئون پتو: محلةُ المالِحَه، مدرسہ عَسڪَرِيّه جي پويان آبادي ۾ تقريباً اڌ ڪلوميٽر اندر ڏانهن آهي. هاڻي هن تاريخي متبرڪ مسجد جي ويجهو جديد سهولتن سان آراستہ هڪ وڏي مسجد ناهي وئي آهي. جنهن جي سبب هن مبارڪ مسجد جي طرف ماڻهن جو رجحان گهٽ آهي ۽ هن جي اصل حيثيت گمنامي واري نظر اچي رهي آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿23﴾ مسجد مينارَتَين

حضرت حرام بن سَعْد بن مُحَيِّصه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ شاهِ خير الأنام صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هن جڳهه تي نماز پڙهي هئي. (وفاء الوفاء ج 2 ص 879-878) عاشقانِ رسول يادگار طور تي هتي ”مسجد مينارَتَين“ تعمير فرمائي. ان جو پتو هي آهي: مسجد نبوي شريف کان شارعِ عَنبريہ (اڳوڻو نالو شارع مڪہ) کان ٿيندي وادي عقيق ڏانهن وڃو تہ تقريباً اڌ ڪلوميٽر جي فاصلي تي پيٽرول پمپ ايندو. ان کان ٿورو اڳتي ساڄي هٿ تي هڪ ڪليل ميدان آهي. جتي هڪ وڏي مسجد ٺاهي وئي آهي، جنهن کي ”مسجد مينارَتَين“ ئي جي نالي سان پڪاريو ويندو آهي.

## مُئل بِڪري

هي مشهور واقعو بہ ”مسجد ميناريَتَين“ واري مقام جي طرف گذرندي ٿيو هو. هڪ ڀيري شاهِ خير الانام صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان گڏ هن ئي مقام تان گذري رهيا هئا. اوچتو حضور پرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نگاه مبارڪ هڪ مئل ٻڪري تي پئي جنهن مان بدبوءِ اچي رهي هئي. صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن نڪ تي ڪپڙو ڏنو جنهن تي رسول **الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: هن ٻڪري جو پنهنجي مالڪ تي ڇا اثر ڏسو ٿا؟ انهن عرض ڪيو: يا رسول **الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! هي ڇا اثر ڏيکاري سگهي ٿي؟ رسول **الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: **الله** تعاليٰ جي سامهون هي دنيا هن ڪان بہ معمولي آهي، جهڙي طرح هي ٻڪري پنهنجي مالڪ جي لاءِ معمولي آهي. (وفاء الوفاء ج 2 ص 878)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿24﴾ مسجد جمعہ

مسجد قبا کان مسجد نبوي شريف ڏانهن ويندي اها مسجد شريف ساڄي هٿ تي اچي ٿي. هجرت شريف جي موقعي تي قبا شريف کان فارغ ٿي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان گڏ مديني شريف روانا ٿيا ۽ هي جلوس مبارڪ جڏهن ”بني سالم“ جي علائقي وٽان گذريو تہ مقامي ماڻهن ڪجهہ دير هتي قيام جي التجاء ڪئي، جيڪا منظور ٿي وئي. انهيءَ دوران نمازِ جمعہ جو وقت ٿي ويو تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان گڏ

باجماعت پهرين نماز جمعة المبارڪ ادا فرمائي، جتي نماز ادا ڪئي اتي باقاعده مسجد نهرائي وئي آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿25﴾ مسجد مِعراس

هي مسجد شريف مديني وارن جي ميقات ”ذُوالحُلَيفه“ جي قبلي واري پاسي هوندي هئي. هي ان مقدس جڳهه تي واقع هئي جتي شهنشاهِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مڪي شريف کان واپسي تي رات گذاري هئي ۽ آرام فرمايو هو. هاڻي هن مسجد مبارڪ جي زيارت نٿي ٿي سگهي!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿26﴾ مسجد ذُوالحُلَيف

هي مسجد شريف مسجد نبوي شريف جي ڏکڻ اولهه ڏانهن اٽڪل 9 ڪلوميٽر جي فاصلي تي آهي، اڄڪلهه هي مقام بيرِ علي يا اَبيارِ علي جي نالي سان مشهور آهي ۽ هي مديني وارن جي ميقات آهي، مسجد ذوالحُلَيف جو پراڻو نالو ”مسجدِ شجره“ آهي. حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُما کان روايت آهي ته نبي آخرُ الزمان، شهنشاهِ ڪون و مڪان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مدينه منوره کان ”شجره“ جي رستي کان ٻاهر تشريف وٺي ويندا هئا ۽ مُعَرَّس جي رستي کان مديني ايندا هئا ۽ جڏهن مڪي شريف تشريف وٺي ويندا هئا ته ”مسجد شجره“ ۾ نماز پڙهندا هئا ۽ جڏهن واپس تشريف فرما ٿيندا هئا ته ذُوالحُلَيف جي

وادي ۾ نماز ادا ڪندا هئا. اتي ئي سڄي رات قيام ڪندا هئا ايستائين جو صبح ٿي ويندي هئي. (بخاري ج 1 ص 516 حديث 1533) حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما فرمائن ٿا ته رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ذوالحُلَيفه ۾ رات گذاري ۽ اُتي مسجد ۾ نماز پڙهي. (مسلم ص 607 حديث 1188) سيّد المُرسلين، رحمةٌ لِّلعٰلمين صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حِجَّةُ الوداع جي لاءِ وڃڻ وقت ذوالحُلَيفه پهتا ته اتي مسجد ۾ ٻه رڪعتون ادا ڪيون. (ايضاً ص 394، تاريخ المدينة المنوره ص 501-502) هاڻي اتي ”مسجد ذوالحُلَيفه“ نالي هڪ عاليشان مسجد قائم آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿27﴾ مسجد قِبلَتَين

هي مسجد شريف اَلحَرَّةُ الوَبَرَة (اَلحَرَّةُ الغَربِيّه) ۾ ”وادي عقيق“ جي ”اَلعَرصه“ نالي ميدان جي ويجهو واقع آهي، مساجد خمسه به اتي ئي ويجهو واقع آهن. ”بِيرِ رُومه“ (يعني حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن جو کوهه) مدينه منوره کان ويندي هن مسجد شريف جي ساڄي طرف آهي. حضور پُرنور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هتي ظهر جي نماز ادا فرمائي آهي. هي مقدّس مسجد ”بنو سُلَيم“ جي نالي سان مشهور هئي ڇوته اُتي قبيله بنو سُلَيم آباد هو. هجرت جي سترهين مهيني 15 رَجب المُرَجّب 2 هجري (جنوري 624ع) بروز شنبه (يعني ڇنڇر جي ڏينهن) رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هتي اجا ظهر جون ٻه رڪعتون ادا ڪيون هيون ته قبلي جي تبديلي جو حڪم نازل ٿيو، باقي ٻه رڪعتون بيت الله شريف ڏانهن منهن ڪري ادا فرمايون. ان جي

ڪري هن جو نالو مسجد قِبلتَين (يعني ٻن قبلن واري مسجد) ٿيو. يادگار طور تي عاشقانِ رسول بيتُ المقدّس جي طرف واري پٽ تي قبلي جا نشان ناهي ڇڏيا هئا ۽ ان ۾ ”آيات تحويلِ قبلہ“ لکرائي ڇڏيون هيون. عاشقانِ زائرين ان نشان کي بہ ڇهي ڪري برڪت حاصل ڪندا هئا. هاڻي اها پٽ شريف هٽائي وئي آهي ۽ مين گيٽ جي طرف ڇت تي قبلہ اَول جو رخ ظاهر ڪرڻ جي لاءِ مصلي جو نقش ناهيو ويو آهي.

ايندڙ هفتي جو رسالو





978-969-722-662-7

01082496



فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net